شوخُ طبيعت گُھنجل چهرا
چڻ ٿاندا ئِي ٿاندا ماڻهو !

# ڀڳوان نردوشَ جا چوُنڊ غَزلَ

(غزلن جو مجموعو)


| | | |
|---|---|---|
| سهريندڙ | : | هينا اَگناڻي ’’هيرٌ‘‘ |
| ڇاپو | : | پهريون |
| ڪاپيون | : | ۵۰۰ |
| سال | : | ۲۰۱۹ |
| قيمت | : | ربيہ ۲۰۰ |
| پبلشر | : | هينا اَگناڻي |

بِي-۷۰۳، سنگات پائلون، ڪوٽيشور، موٽيرا، احمدآباد-۳۸۰۰۰۵
e-mail : heenaagnani15@gmail.com M. 9624480977

| | | |
|---|---|---|
| ٽائيٽل ڊزائين | : | مور ساگر (سنڌ) |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | مهالڪشمي ٽريڊرس |
| | | ۲۸۰، راجاوير، ڪبيرنگر، احمدآباد-۳۸۲۳۴۰ |
| پرنٽر | : | درشن پرنٽرس، باپونگر، احمدآباد. |

اين.سي.پي.ايس.ايل.، دهليءَ جي مالي مدد سان ڇپايل


# BHAGWAN NIRDOSH JA CHUND GHAZAL

(COLLECTION OF GHAZALS)


| | | |
|---|---|---|
| Edited by | : | **HEENA AGNANI "HEER"** |
| Edition | : | **1st** |
| Copies | : | **500** |
| Year | : | **2019** |
| Price | : | **Rs. 200/-** |
| Published by | : | **HEENA AGNANI** |
| | | B-703, Sangath Pylon, Koteshwar, |
| | | Motera, Ahmedabad-380005 M. 9624480977 |
| | | e-mail : heenaagnani15@gmail.com |
| Title Design by | : | **MOR SAGAR** (SINDH) |
| Type Setting | : | **MAHALAXMI TRADERS** |
| | | 280, Rajavir, Kubernagar, |
| | | Ahmedabad-382340. M. 9925359021 |
| Printed by | : | **DARSHAN PRINTERS** |
| | | Bapunagar, Ahmedabad. |

**ISBN Number**
**978-93-5382-587-4**

**(with the financial help of N.C.P.S.L., Delhi)**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سھريندڙ طرفان ٻہ لفظ

شري ڀڳوان نردوش ڀارت جو ھڪ برک ۽ اعليٰ شاعر آھي، کيس ۵ جون ۱۹۹۳ع ۾ وِشو پرياورڻ ڏينھن تي، ”پرياورڻ جو پرتاپ“ ڪويتا تي، پھريون انعام عطا ٿيو ھو، جيڪو کيس اُن وقت جي پرياورڻ منتريءَ شري ڪمل ناٿ جي ھٿان عطا ٿيل آھي. نردوش صاحب کي سال ۲۰۰۵ع ۾ گجرات سنڌي ساھتيہ اڪادمي (گانڌينگر) پاران گؤرو پُرسڪار عطا ٿيل آھي. سندس ڪريڊٽ ۾ ڪل ۱۵ ڪتاب شايع ٿيل آھي. جن ۾ ستن ڪتابن تي گجرات سنڌي ساھتيہ اڪادمي طرفان اِنعام حاصل ٿيا آھن. ”سُواسَ سُواسَ ۾ سُرھاڻ“ غزلن جي مجموعي تي ”اين.سي.پي.ايس.ايل.“ سنسٿا (دھلي) پاران پڻ پرائيز مِلي چُڪو آھي. سندس ٻيا انعامي ڪتاب آھن :

۱. نام ڪنيا ناٽڪ نويس (مضمون)

۲- رِم-جھم رِم جھم

۳- رنگ بہ رنگي ڦوڪٽا

۴. ھري دلگير ھڪ اڀياس (ڪوجناتمڪ مضمون)

۵. ميڙھيا جي مون موتي (آلوچناتمڪ مضمون)

”نام ڪنيا ناٽڪ نويس“ ڪتاب گجرات ڪاليج ۾ ھر سنڌي وشيہ ڪٽنڌڙ شاگردن لاءِ حوالي طور مقرر ڪيل آھي ۽ ھري دلگير ھڪ اڀياس، راجستان ۽ ممبئي ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ ڪٽنڌڙ ٻارن جي حوالي طور اڀياس ۾ شامل آھي.

سندس ساھتيڪ سفر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي غزلن جا مجموعا جڙيل آھن، جن مان، ”سُر سُريلا ساز جا“، ”چنڊ ڪئي چانڊاڻ“، ”غزلن جي گوُنج“، ”روھہ جون رھنڊون“، سُک جا پاڇا“، ”سُرھا سُرھا سواس“ وغيره آھن.

مون ڀڳوان نردوش جي جدا جدا غزلن جي مجموعن مان غزل چونڊي، ھڪ نئون غزلي مجموعو انڪري شايع ڪرڻ پسند ڪيو جو سيني ساھتيڪارن وٽ نردوش صاحب جا سيئي غزل - سنگرھ موجود نہ ھوندا. ”ھي چونڊ نردوشَ جا غزل شاعريءَ جي شوُقينن ۽ پاڻڪن کي يقينن پسند پوندا اَھڙي اُميد آھي.

**- ھينا ’ھير‘**



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اُپ ۾ ڪيڏا تارا آهن!
لڳن مگر ويچارا آهن.

ڪاري ناڻي وارا سيٺئي،
ديش ۾ ڪيڏا پيارا آهن!

واڳون نيتائن هَٿ آهن،
ڪن جيڪو، وَس وارا آهن!

راڄ هلي ٻہ تہ ڪئن گڻ-تنتر؟
ماڻهو پَر مَتِ وارا آهن!

منڙي ڀارت جو ڇا ٿيندو؟
تعصب جا مونجهارا آهن!

روپ ڦرن ٿا هت پل پل ۾،
ماڻهن جا من ڪارا آهن!

’نردوش‘ ٻٽي ڪيئن هت رهبو؟
ڪي ڪي دوش ٻہ پيارا آهن!



جتي ڀي رهون، سا، لڳي سنڌ پياري،
اَسان جي نزاڪت نياري نياري.

جتي شاه، سامي، سچل سِڪسان پڙهجي،
اُها ڌرتي ڀاسي سدا ناز واري.

هِتي ’شيام‘ سنڌي، ’اَياز آ اُتي ڀي،
اَسان کي لڳي پوءِ ڪيئن سنڌ ڌاري؟

هِتي گنگا جل آ، هُتي جل سنڌوءَ جو،
سدا ڌِنِ سجائي خزان ۾ بهاري.

ڪيون ناز داهر تي ڇو ڪينَ سنڌي!
ڀلايون ٻہ ڪئن، مارئي سيِلَ واري!

جتي ڀي هجون ڀِلِ، سنڌي ٿِي رهون شل،
رکون دل ٻہ نردوش! ڪا قرب واري.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وسائيسين اَسان ۾ هڪ نئين دنيا حقيقت جي،
رڪون هاڻي خبر هرڪا هتي هرڪنهن مصيبت جي.

ڪڏهن پرچاءُ ٿيندو آ، رسامو ۾ ڪڏهن ڪڏهن،
ڪڏهن اُلفت، ڪڏهن ڪلفت، عجب حالت محب جي.

ڪڏهن هت پيار شبنم آ، ڪڏهن شعلو بہ ٻٽجي ٿو،
وڏي ويجهي پيئي هتڙي، اَدا، ائن سڪ سلوڪت جي.

اَميريءَ جي خماريءَ کي ڪري پڻ چوُر ڇاڙون ٿا،
ڏسو ٻَلُ اَڄ ڪرامت ڪا اسانجي دِل جي همٿ جي.

پيو طوُفان نفرت جو، سڄي سنسار ۾ ڏوڪي،
عجب ڪائون، ڏسي وهندي ندي هر جاءِ وحشت جي!

آ، هاهاڪار چوڏاري، ٿا مُرجهائن غريبي-گُل،
اُدم سان ئي وسائي باهہ ڇڏڻي آهہ ظلمت جي.

نياڻي دوستي خارن ۾ پڻ آهي بهارن سان،
ڪئي ’’نردوش‘‘ آ عزت هتي هردم شرافت جي.



سُرَ سُريلا ساز جا ٿو هر گليءَ مان خوش ٿي ڳايان،
ڇيڙي سرگم پڻ خوشيءَ جي خوش ڏسڻ ٿو جڳ کي چاهيان.

پيرَپِرَجي سمجهان پنهنجي، سڌ نہ آهي پنهنجي سُک جي،
شل، سدائين ساري جڳ کي سد گڏن سان ئي سجايان.

منڙا ڪيڏا ملڪ جا ماڻهو نہ جاڻِ ڪان پڻ پايان پيارا،
تن سان منهنجو سڪ جو ناتو، شال، دائم مان نڀايان.

دل ۾ منهنجي پيار سڀ لئہ، اَمن جو مان آهيان ڪانڪي،
ڪير ٿو اَڄ جنگ چاهي؟ صلح جو نعرو لڳايان.

مان نہ هرگز ڪين ڪندو آهيان ڪنهن جي عيِب جو ئي،
پنهنجي ڀُل کي مان سُڌارڻ لئہ سدائين پہ پڇايان.

ميري من جا ڪي ڪي ماڻهو، دوکو ڪيڏو ڪن ٿا جڳ سان،
صاف سڀ جا من ٿين، ڪا جوت نرمل مان جڳايان.

ديش خاطر جيڪي جيئن تن جو آ، ٿيندو ڳاٽ اوچو،
ٿو جنم ڀوميءَ جي صدقي جان گهورڻ مان بہ چاهيان.

غرق ظلمن ڪي ڪنداسين ڪين پسبي بي وسي پڻ،
شاد ڀارت ٿيندو آخر، آس تي بس جيئرو آهيان.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مصيبت ۾ جاڳان تو مان مُسڪرائي،
لڪل لڙڪ ۾ ئي مني مُرڪ آهي.

اَچن غم سچڻ، زندگيءَ ۾ جي منهنجي،
نہ سگهندا ڪڏهن غم خوشيءَ کي لڪائي.

ڏسون ٻاٽ ڪاري دکن جي ٿا چوڌر،
اِجها روشني ٿي اِنهيءَ کي هٽائي.

چپن تي خوشيءَ جا نغما نچن ٿا،
سدا دل ۾ آشا ٿي جوتي جڳائي.

ٻين لئہ جيئڻ جي اَٿئہِ وات سهٽي،
اَمر آتما جو هيءُ آلاپ آهي.

جڏهن ڀي ڪتي ڪو پسوُن ٿا دُکي جيءُ،
تڏهن دل کي ”نردوشَ“ غم ٿو ورائي.


books.sindhsalamat.com

پل پل ڪيڏا سور سهون ٿا،
سينو ساهي پو (ءِ) بہ هلون ٿا.

آنڌيون طوُفانْ تيز اَچن ٿا،
مُرڪي مُرڪي مُنهن ڏيون ٿا.

آهہ سچارن سان ئي ياري،
ڪوُڙن سان هرگز نہ نهون ٿا.

چِڙڪي جيڪو عيبن ڪان ٿو،
تنهن تي ئي تنقيد ڪريون ٿا.

محنت کي ٿا سمجهوُن مذهب،
محنت سان سنسار اَڏيون ٿا.

اوچو سر کي ”نردوش“ رکي-
اَڳتي اَڳتي قدم رکون ٿا.


www.sindhsalamat.com

(ڪجهہ مذاقيہ ڪجهہ گنڀير)

نهندي آ زندگيءَ جي عمارت ڪڏهن ڪڏهن،
ڪرڻي آ پوندي اُن جي مرامت ڪڏهن ڪڏهن!
هلندو ڪوئي مشاعرو پُرزور سان هجي،
ٿيندي آ شاعرن جي حجامت ڪڏهن ڪڏهن!
ڪيڏو نہ حُسن آ رهيو مغرور آد کان،
قسمت سان ملندي آهي نزاڪت ڪڏهن ڪڏهن!
هر شيءِ تہ ملندي آهي مهانگي سدا هتي،
ڪرڻي ئي پوندي آهي ڪفايت ڪڏهن ڪڏهن!
مجبوري ايندي آهہ جڏهن پيي گهران رُسي،
ڇڏڻي ئي پوندي آهي شرافت ڪڏهن ڪڏهن!
پارت تي ڪاهي جي ڪوئي دُشمن اَگر اَچي،
ڏيکارڻي ئي پوندي آ، شجاعت ڪڏهن ڪڏهن!
مُلڪن ۾ هلندو آهي ڏِهاڙي اَنياءُ پيو،
ٿيندي وطن ۾ آهہ بغاوت ڪڏهن ڪڏهن!
ملندو آ يار سهڻو سفر ۾ نصيب سان،
ٿيندي آ ڀاڳ جي بہ عنايت ڪڏهن ڪڏهن!
ياري بہ پل تہ گهري هجي ڪنهن سان ڪيتري،
ٿي ويندي جلد آهي عداوت ڪڏهن ڪڏهن!
ٿِڙَندي بہ ڪَلَ جي آهہ ڪا ”نردوشَ“ جي جڏهن،
چوندو آ، ”مانڪندس صدارت ڪڏهن ڪڏهن!“


books.sindhsalamat.com

اَسان جي ڪو همت اَچي آزمائي،
ٽُٽل دِل ڏسي ڪجهہ عجب پيي ڪائي.

نمايان رهي مُرڪ منهن تي اسان جي،
نہ پرواهہ ڪيون، جي اَچي غم ستائي.

چمن ۾ بهار آئي ءِ نيٺ آئي،
گُلن کي ٿي بُلبُل گلي سان لڳائي.

وهن ٿا ڪٽي جي اَکين مان بہ آنسوُن-
ڏِنو آ، اسان پيار ۾ مُسڪرائي.

زمانو چوي اَڄ ڪٽي ڪجهہ بہ ٿو پر-
وفائن جو نغمو ٿو ”نردوشُ“ ڳائي.


www.sindhsalamat.com

آرسي دِل جي اُف! ٽُٽل آهي،
عرصي ڪان زندگي رُٺل آهي!

غم ڪي ڪائي جيئڻ، جيئڻ ڪهڙو؟
سوچ ۾ سوچ چڻ ٻُڏل آهي!

وقت ٻَلوانُ ٿيندو آ ڏاڍو،
وقت جي ئِي ته لَت لڳل آهي!

ٿيندي ظاهر خوشي ڪٿي ٻي ڪيئن؟
مُرڪ ۾ لڙڪ ئي لڪل آهي!

وقت ”نردوشَ“ آيو آ ڀاري،
هرڪا ساعت هتي ٻڌل آهي!


books.sindhsalamat.com

يار جو هئڻ رُسڻ روا ناهي،
پر چوان ڪئن، اِها اَدا ناهي؟

مُرڪ مان بي رخي ٿي جهلڪي اَڄ،
هونئن هئن ته ٿيندو ڪڏهن خفا ناهي!

ائن رهي ٿو رٺل اسان ڪان پر-
ته به لڳي ٿو ته هوُ جدا ناهي!

آد ڪان حُسنُ آ رهيو مغرور،
پر اِها ڪا نئين هوا ناهي!

لڙڪ دلبر اَکين ۾ تنهنجي ڇو؟
هيءَ خزان جي ته ڪا فضا ناهي!

مُرڪ هڪڙي فقط کپي ٿي يار،
ٻِي ته ”نردوش“ جي اِڇا ناهي!


www.sindhsalamat.com

پردو اڄ فاش ٿي ويو آهي،
حُسن شرمائجي ويو آهي!

عمر چڙهي جڏهن، چون سڀ ائين-
هاڻ سڄ هٿ لهي ويو آهي!

عشق ٿيندو انڌو ۽ گونگو آ،
هرڪو عاشق چئي ويو آهي!

مست نيڻن ۾ آ ڪشش ڪهڙي؟
پيار ڇو هئن ٻُڏي ويو آهي!

جهيڙو ڇِڙيو اَگر-مگر تان هو،
خوُن شايد ڪو ٿي ويو آهي!

هنيو طعنو تکو ڪو تو اَهڙو،
ڪنڊي جانءِ ڇُپي ويو آهي!

ياد مذهب نہ رهيو آ مونکي،
ماڻهپو بس وٺي ويو آهي!

گُلَ تہ ”نردوشَ“! ڪيڏا دلڪش ها،
باغ مان ڪو چني ويو آهي!


books.sindhsalamat.com

حيوان ڇو اِنسان ٿيا؟
اِنسان ڇو شيطان ٿيا؟

ڪانوَن جي هن محفل ۾،
هنس اَچي حيران ٿيا.

ڪوُڙن ٺوٺن ڦوٽن تي،
ماڻهو سڀ مستان ٿيا.

هڪ ڏس، ماڻهو دنيا جا،
ڪوٺ بنان مهمان ٿيا.

لهر لهر جي لوڏ سهي،
پاڻ ٿي ڪشتيبان ٿيا.

دل جا دل ۾ رهجي ويا،
ڪٿ پورا ارمان ٿيا؟

تو تي يارن جا ”نردوشَ“!
ڪيڏا ٿي اَحسان ٿيا.


www.sindhsalamat.com

سازُ اهڙو ئي ٿو وڄي شايد،
زندگي ٿڪ ٿي لڳي شايد!

ڇو خفو ٿو لڳي شغل هرڪو؟
مُرڪ ئي رُسندي ٿي وڃي شايد!

جي، چئو سچ، ڳلو به ٿو وڍجي،
حق ڪان محرور ڪو رهي شايد !

ڪئن پنهنجا، وڃن پري ٿيندا؟
ساٿُ ڏک ۾ نه ڪو ڏِئي شايد !

ماڻهپو هيئَن جي، موڪلائيندو-
روحُ ڪنهن ڪُنڊُ ۾ رُئي شايد!

پَلَ وڃن ٿا هٿن مان ڪسڪي ڄڻ-
ڪوئي پاڇي کي ڄِئن جهلي شايد!

ڪهڙو يُگ آهه هي، هلي رهيو؟
ڏاڏَ جو ڏُرُ ظلم ڪري شايد!

آهِه ”نردوشَ“! هت فضا اهڙي-
آهَه هرڪو ٿڌي ٻري شايد!



ڏسجن ڪيڏا سُهڻا ماڻهو،
ڪي ڪي سيِرت وارا ماڻهو!

شوخ طبيعت، گُهنجيل چهرا،
ڄڻ ٿانڊا ئِي ٿانڊا ماڻهو!

سونهَن پسڻ جو هرڪو ڪانڪي،
واس وٺن ڪي، ٻَنئڙا ماڻهو!

مُرڪ مِٺيءَ سان غم جي لڪائن،
لڳن اُهي ٿا منڙا ماڻهو!

ڀهروپين جا ٻولَ به پڌرا،
پَلُ نه ڇُپائين چهرا ماڻهو!

قدر، سونهن جو ڪري نه ڄاڻن،
سونهَن تي ڏِين پهرا ماڻهو!

لڳن پَسوُن پڻ ڪڏهن ڪڏهن ٿا،
عين اصل ۾ جهڙا ماڻهو!

’نردوشَ‘! هجن ڪي ؟ غدارَ به،
آسي پاسي خطرا ماڻهو!

هوُ چوي ڳالهہ جا بہ ناهي چوي،
اک نہ اک سان ٿو ملائي چوي.

هوُ اُصولن جو آ پڪو ڏاڍو،
ڳالهہ ڪوڙي ٿو ٻوڪَ ڦاڙي چوي.

سَچَ جون ڳالهيون لڳن ٿيون ڪوُڙيون،
سَچُ بہ همٿ ڪي جُتائي چوي.

ڪيئن بہ ترقي ڪپي اسان کي دوست!
هوُ تہ آنتڪ سان نيائي چوي.

روشني جا، هوُ چنڊ کي ٿو ڏئي،
سِجُ، سو احسان جَتائي چوي.

آهہ ”نردوشَ“! اِنڊلٽ جيون،
روشني رنگَ ٿي پسائي چوي



books.sindhsalamat.com

چاتي، چولين جانۡ ٿي چلڪي،
ڦوهہ جواني مست ٿي، مهڪي!

سونهن-ڳِلن تي وٽن ڪڏون ٿيون،
دلڪشي ائين هوءَ ٿي خلقي!

نيٽن ۾ ٿس نوُر نوراني-
پيار سندي ٿي برکا برسي!

واعدو سڄڻ اچڻ جو ڪيو،
در منهنجو ٿو هاٺي کڙڪي!

وارن ۾ تنهنجي ڦول لڳايان-
ڇُهاءَ لئہ هَٿُ منهنجو تڙڦي!

ڪٽي نگاهون هاڻ نهاري،
تن، من منهنجو خوش ٿي ڇهڪي!



www.sindhsalamat.com

دِيدَ ڪنهن جي پڙهي سگهي ڪوئي،
پيارُ دل ۾ ڏسي سگهي ڪوئي!

دوستي ڪوڙ سان ڪري هرڪو،
يارُ سچ جو بڻي سگهي ڪوئي!

سونهن تي پهرا ڇو رکن ها، جي-
اک تي قبضو رکي سگهي ڪوئي!

سڀ غمن جون شڪايتون ٿا ڪن
غم ٻين جا وٺي سگهي ڪوئي!

هرڪو ڏاهڻ ۾ ٿي لڳي ماهر-
قومَ-رازو بڻي سگهي ڪوئي!

سائنسي يُگ ننڍو ٿيو آهي
دل وڏيڙي رکي سگهي ڪوئي!

ڪورٽن ۾ گناهه لڪندا جي-
ڪمُ ثوابي نه ٿي سگهي ڪوئي!



ڏسو جوش نيارو نئين سال جو،
پيو پاڳ لڪجي هينئر حال جو!

ويو وقت گذري، ’گذاريل‘ ڇئون-
سدا سوچ، رهجي ويو خال جو!

مثل هيري هر پَلُ، گهڙيون ڪَٽيون-
آ مقرر نه ڪو وقت هِتِ ڪالَ جو!

نه پوڳِي، مگر ماڻِي آ زندگي-
قصو، سو نه ’سهڻي‘ ۽ مهيوال جو!

ٿي تلوار نڪري ذريءَ ڳالهه تي-
لڳي ٿو مهاتم تڏهن ڍالَ جو!

آ، ممتا مئي ماءُ ايڏي نه ڪا-
وساري سگهي غم نه هوءَ لالَ جو!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بهارون ڇو مونسان نگاهون ملائن-
اڇي پنهنجو جلوو، آهي مون پسائن؟

عجب سندي خوشبو ڏسان مان گُلن ۾-
اڇي سي، هوائون هتي ٿيون لُٽائن!

ٿڌي هير تن ۾ پري ٿي جواني-
تڏهن ئي فضائون اڇي دل لپائن!

سُڳنديءَ سان ياري، وئي آ ٿي منهنجي،
اڇي پَر ۾ منهنجي محبت جتائن!

تون 'نردوشَ' هاڻي وني ڏِسُ مزو سو-
ڪهاڻي اُهي ٿيون، گهڙيءَ جي ٻڌائن!

ڪڪر ۾ نہ رهندو هميشه آ، سورج-
سدا سچ چوڻ لئہ، سي همت جُتائن!



ڦوڪ سان وهم سڀ اُڏائي ڇڏ،
پُڳ نئين ۾ قدم وڌائي ڇڏ!

دشمني ايڏي ڪا سٺي ناهي،
دوستيءَ سان نظر ملائي ڇڏ!

ڇنڊ پنهنجو غصو سمورو ئي،
لٺ ڪٽي پاڇي کي وهائي ڇڏ!

روحَ رهنڊون تہ پڪ ئي پائيندو-
ڪَم ڪسا پنهنجا سڀ، لڪائي ڇڏ!

تو غلط پڙهيا سبق جيڪي،
سي، سيئي ڪٽي ورائي ڇڏ!

ڪيڏي اوندهہ، جمع ڪئي آ، مَنَ،
جوت اَندر ۾ بہ جاڳائي ڇڏ!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

گھنگھروءَ جانْ وڄي پيو ماڻھو،
ديپ وانگر جلي پيو ماڻھو!

ڌَن جي ڌُنَ ۾ مگن رھي ايڏو،
ڌُت نشي ۾ لڳي پيو ماڻھو!

ڪير ڀڳوان کي پياري ٿو،
انڌوشواس ۾ جِئي پيو ماڻھو!

باھہ اندر ۾ لڪائي پو،
بَم ڌماڪا ڪري پيو ماڻھو!

پوش پائي سدا گناھن تي،
جاپُ سچ جو جپي پيو ماڻھو!

شرم جنھن ۾ آ اڄ رھيو باقي-
سو، لڪي ھت، رھي پيو ماڻھو!

ڪات پنھنجي وطن ۾ ٿو جو ھٽي،
سو بہ رھبر بڻي پيو ماڻھو!

’’پاڻ ورسان سدا وطن ۾ مان‘‘،
نيم اھڙا گھڙي پيو ماڻھو!



حُسن مغرور آڏِ ڪان رھيو،
اڄ لڳي ڪين ڪا، ھوا آھي!

شوخ ماڻھو تپن مثل ٿانڊن-
تِنَ مان ھرڪو ٿيو خفا آھي!

جھول ڪندن سان پرچي ويو آ-
گُل چنڻ پي تہ ھڪ سزا آھي!

ڏات آ شاعري ملي جنھن کي-
ھيءَ اَنوکي بڻي ڪلا آھي!

چو، ستائين اجايو تون ڪنھن کي؟
ماڻھو ڪوبہ، اُن ۾ خدا آھي!

آھہ ’’نردوش‘‘! وقت کو ياري-
چو خُدا ڪان بندو، جدا آھي؟



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وڻي ڪين جڳ جي ڪائي بات مونکي-
بڻايو آ لاچار حالات مونکي!

ڪريان ٿو بغاوت ڏسي ظلم چوڌر-
وڻي ظلم جي ڪين ٿي ذات مونکي!

لڳي چور پيارو ۽ هرگز نہ ظالم-
چوي ائن ٿي شايد، اچي رات مونکي!

الا! گوڙُ شهرن جو آ، بورُ ڪنڌڙ-
ڏئي لطف، پَنڇِنِ جي لات مونکي!

جي، سچا ماڻهو نہ ڇل ول مان ڇاڻن،
ملي تن جي سدا شل، ملاقات مونکي!

غمن ڪان ٿهن ڇوٽا ”نردوشَ“! ماڻهو؟
ڏين غم ئي خوشين جي سوغات مونکي!



چنڊ تنهنجو ڇڻ بدن آهي صنم!
روپ، جوڀن، چاندني آهي صنم!

گلستان تون سونهن جو ڀاسين سدا،
انگ هرڪو گل سڳنڌي آهي صنم!

آهہ جادو ڪو، نگاهن ۾ تنهنجي-
انڪري ٿي دوستي آهي صنم!

حُسن تنهنجو، عشق منهنجو باوفا-
پيار پنهنجو بندگي آهي صنم!

تون ڇُهين ڇڻ هيربہ بسنتي ٿي ڇُهي-
ياد تنهنجي روشني آهي صنم!

جام ساقي! پِيارَ جو، بس پِيارِ تون-
ٿي چرِي اڄ عاشقي آهي صنم!

پياس ٿيندي آ، اَڌوري پيار جي،
ڪجهہ گهڙيون زندگي آهي صنم!

پاڻ وٽ قابو ڪري رک ”نردوش“ کي-
سک سچيءَ ۾ دلڪشي آهي صنم!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رات سڄي جي، ٽِم ٽم ڪن ٽا،
مرڪن ڪٿن سي، پڇي ڏسون جي!

سپنا جن جا، نرم پشم جان-
چورائي سي، لهي ڏسون جي!

سرها سرها سواس جن جا-
سيني تن جي، لڳي ڏسون جي!

ڇم ڇم ڇم ڇم ڇيڏي ڪن ٽا،
ڇيڄ اسان ۾ هٽي ڏسون جو!

ٻري ٻگن کان باهہ تعصب جي-
هاڻ تہ پاڻي وجهي ڏسون جي!

ڏِڪجي پيئي سنڌي گهر مان-
لاٽ اُميد جي ٻٽي ڏسون جي!

ٽاڪُ گهٽي سان اُڀري ڏٺوسين،
لهنديَ سج جان لهي ڏسون جي!

’نردوش‘ ڪيون جو، سو، وس وارا،
راهہ سنڌيت جي وٺي ڏسون جي!


books.sindhsalamat.com

وقت کي ڳولهيندي ڳولهيندي
خود، پل ئي ويا گذري شايد!

ياد پرينءَ جي جڏهن اچي ٿي،
ننڊ ڦٽي ٿي منڙي شايد!

طوفانُ اهڙو ڪو آيو آهي،
سپنا پل ۾ ويا وکڙي شايد!

مضبوط ٻڌي ٻنڌن ۾ جا-
ڌاڳي جي آ ٽُڪڙي شايد!

ڦوُلن تي ڪِرَڻ ماڪ ڦُڙا ٽا-
روپ تڏهن ويو نکڙي شايد!

لُڏي لمي ٿي، ڪين ٻدي ٿي-
سچ جي آ هيءَ مکڙي شايد!

وک وک تي نوان تجربا-
ترقي تڏهن ٿي ٽکڙي شايد!

ڪين پڙهياسين روح سبق-
جڳ جا خدا ويا بگڙي شايد!

سچ سچ سڀ ’’نردوش‘‘ چيو،
کوڙا ڪکر ويا وِکڙي شايد!


www.sindhsalamat.com

آ، يُگ يُگ جي آس اکين ۾،
کي سندر احساس اکين ۾!

انڊلٺ ڏسو، اُڀ ۾ نڪتي-
رنگت جا آڀاس اکين ۾!

سڄڻ ڪَهِي آيو آهي گهر-
هاڻ نه ڪي بنواس اکين ۾!

سونهَن سدائين مُرڪي ويٺي،
آيا سُڳنڌي سواس اکين ۾!

وِشالتا هن جي ڇا چئجي؟
ڄڻ نيرا آڪاش اکين ۾!

پيتو ڪيڏو آهه اکين مان-
ته به ’’نردوش‘‘ آ، پياس اکين ۾!


books.sindhsalamat.com

مُهِرَ ماٺ جي لڳي ويئي-
نيڻ تڏهن پڻ ويا چئي!

ڀاءِ نه پئي صاف نيَّت-
ميرِيءَ سان دل ٿهي وَئِي!

صدق سچي سان ٺهيل ڪُٽيا-
هڪ جهٽڪي ۾ ڊهي پئي!

مرڪيم ليڪن مُرڪ اُداس-
عقل ڪٿي ڏاڍائي ڪئي!

سيرت پوڙهي، سونهَن جوان
چمڙيءَ تي اک، اَٽڪي پئي!

’’نردوش‘‘، ويو سونهن تي سرچي-
سُور به سوڪڙي ويا ٻٽي!


www.sindhsalamat.com

جڏهن پيي جهانُ ۾ بهارون اچن ٿيون،
حياتيءَ ۾ ڪيڏيون خماريون اچن ٿيون!

محبت جي شاهي عمارت آ، اَڏٽي،
مزورن ساڻ ڳڏجي تغارون ملن ٿيون!

هلي ٿي پريڊ ڪا، سپاهين جي اُت ڪا-
بهادريءَ پريل ڪي هوائن اچن ٿيون!

ٿئي ٿي ڪڏهن ڪا، ڏکن جي عنايت،
ملي محب سان ٿي نگاهون وڃن ٿيو!

ڪي دلڪش پيي شڪلون سدا ٿا ڏسون هت-
اُنهن ۾ ڪي سندر ادائون ملن ٿيون!

محبت جي رنگ ۾ پيچل ڪيئِين صحبتون-
ڪٿي مون ڪي پاڪر ۾ اُهيَ وڃن ٿيون!


books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڳِهَم غمن جي ڪکر جان اُڏان مان،
مگر ڪين ڪنهن جي اڱڻ ۾ وسان مان!

چون ڪنڊي جان ئي تون چُپ چُپ ڪرين ٿو-
اوهين چئو، پلا ڪيئن خوشبو بڻان مان؟

مَيارنِ جا سوُئا ٿنبي ٿي ويا سڀ-
ڏيڻ موت ٿي چاهيو، ٿو سيني رکان مان!

نگاهن ۾ ٿاندا رکي ٿا هلن جي-
نه جگنوُ، جوالا مکي سي، مچان مان!

ڏِسان دور کان سونهن، اُجايل اکين سان،
اِها ڪاش! جيون ۾ ماڻي سگهان مان!

ٿيو ٿَڪُ گهڻو سوچَ کي آهِه ”نردوش“!
ڀُگن کان پيبو شعر گويا چوان مان!


www.sindhsalamat.com

سَرِ سَر جهونڪو لڳي هوا جو،
ڦَرِ ڦَرِ ڏُپتو ائين اُڏامي!

دل جي سُپريءَ ۾ حسد تپي-
هاڻ چلهہ تہ پئي اُپامي!

سنڌي ڏيئو گهٽو ٻريو ڇا؟
لڳي ائين جڻ اِجهو اُپامي!

سياڻ ڪنهن جي وَس ۾ ناهي-
ناڻي خاطر پيو وڪامي!

ڪيڏو گڏهہ کي سينگار يو تہ بہ-
وهنجي مٽيءَ ۾، ڏُڏِر اُڏامي!

تيلُ عمر جو ختم ٿيڻ تي،
تَن جي وٽ تي تڪڙي خامي!

سيرت پاسي اَڪ جو گل تي-
سونهن گُل تو هرڪو ٿامي!

’نردوشَ‘ ڪري هوُ، رڙيون واڪا،
اُلجهيو آخر آهي ڇا ۾؟



ٽنگ عدوءَ جي ٽوڙڻ گهرجي،
جَڳ جي ٻانهن موڙڻ گهرجي!

ليڊرن ڪان ڪجهہ لاڀ وٺڻ لاءِ،
ناسَ پٽو پيي ٻوڙڻ گهرجي!

مهمانيءَ جي موُجَ وٺڻ لاءِ،
هِتِ هُتِ ڪيمو ڪوڙڻ گهرجي.

اُلٽي راهہ سڄي جَڳ جي آ،
پنهنجو مُنهن بہ نہ موڙڻ گهرجي.

هيلي حرفت سان ڏن ميڙي،
ماڻڻ گهرجي، ڇوڙڻ گهرجي.

پاڙي ڏنڊو ڪٽي ڪوُڙ جو،
سچ جو ڦانڊو ڦوڙڻ گهرجي.

گيتا گيان پُراڻو ٿي ويو،
سَوَرِ پاڻ ڏي سوڙڻ گهرجي.

ٻئي جا گهر، ڏهَہ ويهہ ڦٽائي،
پنهنجو بنگلو جوڙڻ گهرجي.

ڪر ”نردوش“! پلي تون ليڪن،
ڪيتو ٻئي کي لوڙڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هو، وهم دِل ۾ جو ڀڳو آهي،
پيارُ پنهنجو تڏهن لڳو آهي.

ويندو هرگز نه صبر جو خالي،
تيرُ جو هِي، ڪمان مان ڇُٽو آهي.

پيار بيحد هو ڪئن سو آهِه رُٺو،
رشتو مُدت جو ڄڻ ٽُٽو آهي.

ڪوڙ ڳالهائي ويو سين سامهون،
آهِه ثابت ٿيو، مُنو آهي.

مُنهن تي جو ڏئي نفي جواب،
شوُم ''نردوش''! سو، سنو آهي.


books.sindhsalamat.com

ڀاڳ نه ڏاڍو ڀليرو آهي،
ڀو پيي غم جو گهيرو آهي.

سونهن وڃي ٿي واٽَ وَٺي، جا،
اهو، اسانجو ديرو آهي.

سُندرتا جا، بخمل جهڙي،
نڪتي سُٽَ مان ڍيرو آهي.

ڦهلائن ٿا دهشت جيڪي،
مذهب تِنِ جو ميرو آهي.

ڪينَ ڪڏهن بي رياءُ ٿيو،
ڪيئن چئون نه وَڏيرو آهي.

مندر، مسجد ڪين وڃن ڪي،
سمجهه سمجهه جو ڦيرو آهي.

ڳالهه سچي آ 'نردوش' چئي،
ٿيو تڏهن ئي بکيرو آهي.


www.sindhsalamat.com

آ ڀُڻَ ڀُڻَ جي آسَ اَکين ۾،
ڪي سُندر اَحساس اَکين ۾.

اِنڊلٺ ڏسو، اُڀ ۾ نڪتي،
رنگت جا آڀاسَ اَکين ۾.

سونهَن سدائين مُرڪي ويٺي،
آيا سُڳنڌي سُواس اَکين ۾.

وشالتا هن جي ڇا ڇئجي؟
ڇڻ نيرا آڪاش اَکين ۾.

پيتو ڪيڏو آهہ اَکين مان،
تہ بہ ''نردوش''! آ، پياسَ اَکين ۾.



books.sindhsalamat.com

جامُ، جسم جو نيڻ پئن ٿا،
سوُنهن نشي ۾ سدا رهن ٿا.

ڦيريون باغ ۾ ڀؤنئڙا پائن،
سُرهاڻ تان سي، ساهہ ڇڏن ٿا.

آهِہ فضا ۾ خوشبوءِ ڦهلي،
سرها سرها سواسَ کڄن ٿا.

حُسن ڪري ٿو سينگار جڏهن
پيارَ جا دل ۾ ڦول ٽِڙن ٿا.

مُنهن کي موڙي ويا ٿئہ سهڻا،
آوارا ڪکر جان ٿي، سي رُلن ٿا.

مؤج مزي جو ميلو مچي ٿو،
محفل ۾ جي، سهڻا هجن ٿا.

خبر نہ آ ڪئن، راتيون گذريون،
سونهن-نظارا قابو رکن ٿا.

قيد نگاهن ۾ ''نردوش'' آ،
پَلَ پَلَ پهرو محب ڏين ٿا.



www.sindhsalamat.com

حياتي-لڙائي، وڏي ڳالهہ آهي،
آ، من ۾ سچائي، وڏي ڳالهہ آهي.

ڏسو خوبصورت لڳي هوءَ پَريءَ جان،
سندس بَسِ، اِها ئي وڏي ڳالهہ آهي.

ڀُڳن کان سَڙي آ، تِنکي اُسَ ۾ شايد،
پلا چو سچائي، وڏي ڳالهہ آهي.

اسان حالَ هيٺا، ڪپي مهر شڪتي،
ٿئي رهنمائي، وڏي ڳالهہ آهي.

عطائي آ سُرهاڻ سونهن تہ غضب جي،
لڳي مهلقائي، وڏي ڳالهہ آهي.

چو ”نردوش“! قدرت لڳي دِلرُبا ٿي،
وٺي دل رُبائي، وڏي ڳالهہ آهي.


books.sindhsalamat.com

پاڻ ئي قاتل
پاڻ ئي آٿت
چنڊ ڪڪر ۾
آ لڪو سُتت
آتنڪ وهايو
اِنسانيت رت
پيار جو لکيل
رت مس ۾ خط
ڏوهہ آ ثابت
ماڻهوءَ هڪ مت
اڙيو وڪڙ ۾
اڻپڙهہ چت
”نردوش“ آهي
سچ سان سهمت


www.sindhsalamat.com

گُلن جي تِي خوشبوُ لُٽائي هوا،
تنڏهن ئي دلين کي لُڀائي هوا!

تي پيغام آڻي پرينءَ پارَ جو،
هَٽي ٽپڪِي مون کي سُٽائي هوا!

گُناهن جي بدبوُ ڏنگي تِي وڇيس،
تنڏهن غم کي کيئن تي لڪائي هوا!

فسادن جي راهُنِ تان گذري جڏهن-
تنڏهن کنڌ پنهنجو جهڪائي هوا!

ڏِسي ماڻهپو جي، بَمَنِ وات ۾،
تِي خاموش، اَفسوسُ ڪائي هوا!

ڪَڪَرَ کي ڇُهي تِي ٿڪاوت ڇِڃي،
وَسي مِينهن، نغمو تِي ڳائي هوا!

”چو خود غرضُ“ ’نردوش!‘ ماڻهوُ ٿيو؟“
پُڇڻ لاءِ هِمَتَ، جُتائي هوا!



سنڌ ڇڏي، گذري وَئِي وَهِي،
جِندُ سان جُڙيل سارون آهن!

رشتن جا گهر چاهه سان اَڏيا،
ديوارن ۾ ڏارون آهن!

رهي سدا مَنُ رِنجهِ ڪِنجهِ ۾ ئي-
ڇا ٿيو، موٽر ڪارون آهن!

دَردَ جنين جي دِل ۾ وَسَن ٿا،
آڌُت تِنَ لئه دارون آهن!

ڪرندا نه اُهي سَچ سندا وَڻَ،
پُختيون جن جون پاڙون آهن!

دل جي سُرَندي تي آ هليو هٽُ،
موَج ۾ تنڏهن تارون آهن!

عشق هنن لئه پوُجا آهي،
اَڪثر رکندا ٿارون آهن!

”نردوش“ خزان جڳ جي چمن ۾!
دِل جي چمن ۾ بهارون آهن.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ماڻھو چوندا، پر چوندا ڇا؟
عيب ڪيڻ بِنِ ھوُ رَھندا ڇا؟

اوجاڳي ۾ ڪي ڪي ماڻھو-
سپنا ڏسندا، پر ڏسندا ڇا؟

ڪيڏا نہ تنگ ٽا، ڪپڙا پائِنِ!
ڇئون گھٽو ٽا، ھوُ ٻُڌندا ڇا؟

آھي اُگھاڙَپ فئشن ماڊرن-
توکي ٻُڌڻ لاءِ ھوُ مُڙندا ڇا؟

روز خيالن ۾ جي مرن ٽا،
پَلَ پير لئہ پِيِ، سي جِئندا ڇا؟

ٽوڪِ، ٽوڪِ وچ ۾ ڪيڏِي آ!
ڏينھنُ سڄو ئي اُپ گجندو ڇا؟

”نردوش“! جُھڪي نيڻ نماڻا-
ھڪ اَڌ پل لاءِ بہ نہ ڪڇندا ڇا؟


books.sindhsalamat.com

اَھڙي ڪا اَڄ لڳي ھوا آھي،
ڪوُڙ ھرڪو چوڻ روا آھي!

گُل مثل مُرڪ ڪنھن کي ئي ھوندي،
چڻ لُپِائڻ جي، سا اَدا آھي!

جي وڏي واڪ سان چون ٽا سچ،
تِنُ جو راکو رڳو خُدا آھي؟

ڏاڍِ جو ناچُ آ اُگھاڙو ئي،
بي حيائي ھيءُ، جابجا آھي؟

مفت آڪڙ ۾ آدمي اُڏَڙَنَ،
وقت جي ھيءَ نئين فضا آھي!

گُلُ پٽڻ جي، ڪئي خطا آھي،
خار قاتل ڏني سزا آھي!

ڇو طبيعت رُکي رکين ٽو تون،
رتُ بَسَنتِي ٽِيِ، دلرُبا آھي!

ميلُ ميلاپ اَڄ ڪٽي ’نردوش؟‘
ماڻھو، ماڻھوءَ کان ٽيو جدا آھي!


www.sindhsalamat.com

بڻجي ڪندو ڪي آدمي ٿا چُپِن،
ڪي تہ چهرا گُلن جيان بہ لڳن!

سونهن بيڪار آ بنا سيرتَ،
ٿوهہ سهڻا تہ گهڻا ئي ملن!

ڪنهن جا ڳوڙها پيئڻ سگهي پياسي،
اَهڙا پَل پاڳ واري کي ٿا ملن!

ٿيندي چاهت بہ ڪا چري آهي،
سُرت کي جڻ پکيءَ جا پَرَ ٿا لڳن!

رات جوڀَنِ تي چنڊ کي ڳولهي،
لُڙڪ اکڙين ۾ وِچُ جان چمڪن!

غم خوشيءَ جو آ لازمي پاڇو،
چا لءِ ماڻهو، پيا غمن کان ڏڪن.

موت کان پو بہ زندگي آهي،
مفت، ’نردوش!‘ آدمي ٿا ڊڃن!



books.sindhsalamat.com

پري کان سچاڻي وچن تيون اَکيون،
ڏسي مُحِبُ، مُرڪي پون ٿيون اَکيون!

هنيلن جي آڏو چڙهن چوٽِ ٿيون،
نِماڻن جي آڏو جُهڪن ٿيون اَکيون!

خوشيءَ مان ڪڏهن ڪيچ، ڪل ڪل بہ ڪن،
ڪڏهن لُڙڪ لاڙي روئن ٿيون اَکيون!

ڏسن سونهن گُلَ جانءِ دلڪش جتي،
نهاريندي يون يڪ ٽڪ رهن ٿيون اَکيون!

هُجون ننڊ ۾ ٿا، اُڏامي تڏهن،
ڪٿي جو ڪٿي سَيرُ ڪن ٿيون اَکيون!

رڪن پيد ڪنهن سان ڪڏهن ڪين سي،
سين ۾ پرينءَ کي پسن ٿيون اَکيون!

پلي چو نہ آهن هوُ گونگيون تہ پي،
چئي صاف سڀ سچ وچن ٿيون اکيون!

آ، ’نردوش!‘ اَهڙي تہ ڪا دِلڪشي،
گُلن جان ئي سُهڻيون لڳن ٿيون اَکيون!



www.sindhsalamat.com

کارَ مان پڻ اَچڻ لڳي خوشبوُ،
ڪيڏي مون کي وڻي وڻي خوشبوُ!

گُل سان جوڙي ڏسو خيال کي جي،
پاڻ ايندي ملڻ کهِي خوشبوُ!

پيار سان ناتو آهه جن جوڙيو،
گهر اُنهن جي وچي رهي خوشبوُ!

آهِه خوشبوُ وڻي گهڻو مون کي،
سوُنهن شايد بڻي پئِي خوشبوُ!

پاڻ کي ٿي لڳان ٿو مان پاڳل،
مون هٿن ۾ ڪٽي جهلي خوشبوُ!

آهه ’نردوش‘ ڪنهن جهليو قابو،
آ، اُڏامي هوا بڻي خوشبوُ!



ڳالهه ڦيري پلا ڇئو ڇو ٿا؟
ائن ڪندي پي، اوهين وڻو ڇوٿا؟

مُرڪ سان سونهن سَرسُ ٿيندي آ،
شوخ چهرو اوهين ڪريو ڇوٿا؟

هبڪي هبڪي اوهان ٿا ڳالهايو-
سچ چوندي اِئين ڊڄو ڇوٿا؟

دِل اَندر درد جا ولوڙا پر-
ظاهر چُپ اِئين رهو ڇوٿا؟

قرب جي ڪات ۾ مزو ڏاڍو،
هڪ دفعو اوهان کُهو ڇوٿا؟

موڊُ بگڙي ويو فضائن جو،
مُنهن بِگاڙي اوهان ڏِسو ڇوٿا؟

ڳالهه ’نردوش!‘ آهِه دِل ۾ ڪا،
دِل ۾ غصو رکي هلو ڇوٿا؟

ڪل مستيءَ جي-
ماڻيون خوشبوُ!

گذريل يُڳن جي-
ساريون خوشبوُ!

ڪڏهن گهٽين ۾-
آڻيون خوشبوُ!

گهر ۾ ڪونڌيون-
پاليون خوشبوُ!

دِل ۾ ٻئن لئہ-
ڏاريون خوشبوُ!

برپٽ ۾ پٽ-
ماڻيون خوشبوُ!



پيون ياد جي، رات پر جون رهاڻيون،
لڳن تازيون سڀ ٿيون ڪِٿ پُراڻيون؟

اَچي خوشبوُ پِياري پريان ڪان ڪَهي هت،
ڪليون ڪي بغيچن ۾ شايد سماڻيون.

ويون سڀ تمنائون لُٽجي هنن جون،
دلالن جي معرفت ڪُماريون وڪاميون!

جدا آهي پنهنجي غريبن جي دنيا،
منيون ڳالهيون تن جون لڳن ٿيون اباڻيون!

وٽي خوُب مونکي پکين جو ٿو چهڪڻ،
اُڏن اُڀ ۾ ڪونجون سدا گڏ سياڻيون!

وڏي ناز سان جن کي پالن ٿا مائٽ،
ڪڏهن ڪين ڪنهن جون دُکي ٿيون نياڻيون!

ويو وقت گذري جو، موٽي نہ ايندو،
ٽڙن ذهن ۾ ٿيون، ڪجهہ ڳالهيون سُهانيون.

پلي شوخ ڪيڏيون طبيعت ۾ ناريون،
سي نوُريءَ مثل نياز واريون نماڻيون!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وڏي تو، جي اچين ٿو،
ڏيندو پر وڃين ٿو.

حياتي باغ ياسي،
محبت جي، ونڊي ٿو.

مِٺي مصريءَ زبان کي،
وِڇونءَ ڏنگ جان ڪرين ٿو.

گُلن جي مند آهين،
جڏهن چُپ چُپ هجين ٿو.

لڳي سهڻي اَدا ٿي،
جي، ڦُٽڙ وسين ٿو.

مليو تئه پيار منهنجو ،
تڏهن خوش ٿي پڏين ٿو.

ڪري ”نردوش“!، ڪاوڙ،
ٻين جان ٿِي پوين ٿو!



سڀ کي پنهنجو ٿو اُتاءُ ڪپي،
سيني کي ڪو ڏيکاءُ ڪپي.

باهِه چاهَه جي، جيءَ کي لڳل آ،
عادت وَسِ آ، بَسِ تناءُ ڪپي.

ماڻهو هوُ ٿو گُلشن ياسي،
اَهڙو تہ سڀ ۾ هڳاءُ ڪپي.

پيرمن ۾ ٿو پيرمائي جو-
اَهڙو نہ ڪڏهن اولياءُ ڪپي.

اَتڪل شتڪل ۽ رمز هجي،
دماغ ۾ ڪو سوداءُ ڪپي.

منڇ تي وهڻ، شؤق نرالو،
عين اَهڙو آدرياءُ ڪپي.

ويڙهہ جهيڙهہ هيءَ ڪيسين آخر؟
هاڻ تہ پاڻ ۾ پرچاءُ ڪپي.

ياد سڄڻ جي درد ڏئي ٿي،
’نردوش‘ منو ايذاءُ ڪپي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

نفرت جا طوُفان هزارين،
يارن جا اَحسانَ هزارين.

چالاڪ بڻي ٺڳِي ويو آ-
وڻن اِئين نادان هزارين.

سيرت، صورت ڪِنِ جي پياري،
هونئن آهن اِنسانَ هزارين.

ميزبان ٿي گهر ۾ رهي ٿو-
پل تہ هجن مهمان هزارين.

پَڄُ، جيڏو پيي پڄي سگهين تون،
موُت جا هِنِ ارڪانَ هزارين.

”نردوش“ هتان ويندو خالي،
چو پيو ناهي مڪانَ هزارين.


books.sindhsalamat.com

لڳي باهہ، جَرَڪي سهي ٿا وڃون،
جَهڪي تاءَ تي پر تپي ٿا وڃون!

منو واءُ آيو چمن مان کهي،
تڏهن خوشبو اُن جي ڳِهي ٿا وڃون.

ٿئي ڏوهہ ڪوئِي اسان کان اگر،
تہ پوءِ ڪوُڙ سَهسين چئي ٿا وڃون.

رڳي هَٿِ ٿي شايد آ پڪڙجي پيو،
ٻُڏي ڏاڪا سيئي چڙهي ٿا وڃون.

ٿئي هارَ ها، پر نصيبن سان ٿي،
ڪري ڪيڏ ڪائي، ڪٽي ٿا وڃون.

ڪري ڪو پي پڇتاءُ ’نردوش!‘ جي،
نديءَ جل مثل پو لهي ٿا وڃون.


www.sindhsalamat.com

جهليو هٿ ۾ تو آ ڇو پٿر؟
تنهنجو ڀي آ شيشي جو گهر!

جانِ بچائڻ لءِ ڪِڙڪايو-
ڇو، ڪاسائيءَ جو دَرُ؟

ناهي ڪنهن تي ڪائي مَيارَ
هاڻِ لُٽڻ ۾ آ هرڪو ڀَڙُ!

ريتِ رواجَ سَڀُ سنڌ ۾ ڇَڏيا-
ڪير پُڇي ٿو ٻُڻ ۽ ٽُرُ؟

ڏيندو نماڻو ٿِي ڏيءُ پيءُ-
ڪينَ لائيندو نَڪَ ڪي مَرُ؟

ڀڳوان آهي سَچُ ئي هِنَ جو-
پوءِ ڀلا ڪنهن ڪان ڪهڙو ڏَرُ؟

ڪوُڙَ جي شڪل هوُ سُڃاڻي ٿو-
پاڻ پڏائڻ وارو سو نَرُ.

وگيان ڀُڳَ آ ”نردوش“ هاڻي،
هاري هلائي هر پَلَ ٿو هَرُ.



سنڌي هر جا، پيو ٿو سڏجان جي-
آ اَٿر سو، اَمڙ جي لوليءَ جو!

سنڌيت ٿا سنڌي لڪائين ڇو؟
ڏِسُ حشر هاڻ، پنهنجي ٻوليءَ جو!

سلسلا جام هليا رنگبرنگي،
روز ڀاسي ٿو ڏڻ ته هوليءَ جو!

ڀر جي ڪنڊن سان آ ويئي ساري-
ڏوهہ ڪهڙو ڀلا آ جهوليءَ جو؟

ڏرم جا ڏين ٿا فقط هوڪا،
ماڻهپو ڏِسجي نہ تنِ جي ٽوليءَ جو!

آهہ ”نردوش“ ڪان خطا ٿي ڪا؟
رنگ ڳاڙهو ڇو آ ٽنوليءَ جو!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اَگر هجان مان قدرت ويجهو،
پوءِ ته لڳندي فرحت ويجهو!

ڪوشش صادق جذبي واري-
آئي اِزخود حسرت ويجهو!

محنت سچ کي خوب نِکاريو-
رهڻ گُهران ٿو برڪت ويجهو!

مندر ۾ مَنُ ڪين لڳي ٿو-
آهه روُح جي، راحت ويجهو!

رِنجهه ڪنجهه جيون دُکي بڻائي-
هر ڳالهه ۾ جڻ آفِت ويجهو!

اُپ ۾ سِڄ چنڊُ ۽ تارا-
پسان، هجان جي، فرست ويجهو!

جهرڻن جا ''نردوش``! اِشارا-
آڏِن پوتر نِيت ويجهو!



سونهن سندي چانڊاڻ آ،
جيءَ جي اَندر چِڪتاڻ آ!

چِڪجي وِچون ٿا هڪدم، جِت-
سُواسَ سُواسُ سُرهاڻ آ!

واتان نِڪري ڪوُڙ ويو،
من ۾ اُڻ تُڻ-مانڌاڻ آ!

ڏاڍا گهيرا توڙي ويا-
هِتي قاعدو ڪنهن ڪاڻِ آ؟

ڪيڏو ڏُک آ وِرهه ڏنو-
نيڻن ۾ نِيِت آلاڻ آ!

سوُنهن وئي ٿِي مهربانُ،
وڏِي محبت ماناڻ آ!

ڏُکن چترڪاري ڪئي آ،
ڏِسو، روحَ راحت ملي آ.

گجنِ ٺا ڪڪر اُڀ ۾ ڪيڏا،
ڌماڪي سان بجلي ڪِري آ!

وئي ڳالهہ منهنجي مچي اَڄُ،
خوشي ڏِسُ، چپن تي نچي آ.

ونڊيو پيار آ دوستن سان-
عداوت نہ دُشِمَن جي ڏني آ!

لڳي باھِہ ساري شهر ۾،
مگر توکي تنهنجي لڳي آ!

سوالن کي اچي نِنڊَ ويئي،
جوابن جي چو نِنڊَ ڦِٽي آ!

ڏسو ڪيڏو خوش هوُ ٿو پاسي،
خبرمحب جي اَچڻ جي ملي آ!



غزل جي مهڪ هاڻي اَچڻ لڳي،
لکي وٺ ڪو غزل ٻيو، چوڻ لڳي!

لڳي چنچل ۽ ڏاڍي ڪا ڇيڳڙي،
تڏهن هرڻي مثل هوءَ نچڻ لڳي.

وٺي ”گهوگهوُ“ پکين جي تہ ڏاڍي ٿي،
ٿي ٻُڌڻ ڦڙ ڦڙاهٽ بہ تِنِ جي اَچي.

چيو طنزي هو جُملو فقط هڪ ئي،
اَچا تائين تہ هوُ ٿوڪ هڻندو اَچي.

اَکين جا ڏِسُ، اِشارا ٿا مُنجهائن،
نظارو تہ بہ اُنهن جو پيو وٺي!

ٿيو آ جُهڙُ ڏسون ٿا اِنڊلٺ پڻ،
آ، رنگين هِي نظارو، گهڻو وٺي.

چيو طنزي هو جُملو فقط هڪ ئي،
اَچا تائين تہ هوُ ٿوڪ هڻندو اَچي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪَندِنِ ساڻ آهي حياتي گُذارِي،
ڏُکن ڏِکڙن تان اُها آهِہ وارِي.

ڏُکيو آهہ ڏاڍو زماني ۾ جيئڻ،
اُميدن جي بس آهي هڪ ئي بهاري.

ڏِسون خوابَ، ڪائل نہ تن جا رهياسين،
ڏِسون ساڀيا ۾، سا پياري،

هٽايو اَنڌيرا وهم ۽ ڀرم جا-
حياتي نہ ڀاسي ڪڏهن، جئن لچاري.

وئي آهِ گذري، جواني، ديواني،
ٻُڍاپي ۾ پڻ آهِہ جذبي جي واڙِي!

ملي حوصلن کي وڏي معنيٰ آهي،
وڏِي عمر ۾ ڀِي لڳي ٿي بهاري!



مُرڪڻ تنهنجو من ٿو موهي،
سُڌِ ٻُڌِ منهنجي چڏي ٿو کوهي.

وره جا اَکين مان وسڪارا،
جيون خود کي خود ٿو لوئي.

منهنجي من جي ديوي جيڪا-
هر پل دل ٿي، تنهن کي پوڄي.

من جي مستي، آٽي چاهت-
دلداري سا، ڏيندي آهي.

ساڻ هُجي شل! عمر سڄي يارُ،
دل، درشن بِنِ چئن نہ پائي.

ڪاجل وارا نيڻ نشيلا-
”نردوش“! کي چڏن کِنَ ۾ گهائي!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

خوشبوُ آهيان وکري ويندس،
برپٽ واسي، نکري ويندس.

چون پل پيا مان ڪُجهه ناهيان،
گردش ۾ پر نِڪري ويندس.

ياد ڇڏي آ وڻ ٽڻ ۾ پيي،
ڪيئن ڇئو ٽا وسري ويندس.

انجام ڪيو آ، ڪيئن پوءِ پلا-
اِن ٻنڌن مان نکري ويندس؟

سُسِتي ڪئي عمر سڄي هاڻِ،
وِک مان وڏائي تکڙي ويندس.

جيون آهي ڪِنَ پَلُ ’نردوش!‘
پنڇي ٻڻجي اُڏڙِي ويندس



books.sindhsalamat.com

سڄ وينو آ مُنهنُ ٻگاڙي،
لڳي ائين، چنڊ ويو گذاري!

ڪئي ڪِتِي جڳ سان خود هِنَ،
پوءِ پلا ڇو منهن ڦولاري؟

جيون سارو سڙيو غصي ۾،
هاڻ پاڻ کي ڏِسُ ناري!

برسات پيئي، ڏادي سُني آ،
ٻارُ تلاءَ ۾ ٻيڙي تاري.

پيشانيءَ جي مُرڪ آ ظاهر،
ويني آسَ سان پاڻ سينگاري.

ڏينهن گهٽا سِڄُ رهندو لڪل؟
’نردوش‘ وينو ڏيرج ڏاري.



www.sindhsalamat.com

آسَ اَندر ۾ آ،
سنڌ پنهنجي ڏِسان!

حياتِ ڪاغذي گُلُ-
ڪيسين خوشبوُ وٺان؟

ڪاوڙجِي جهٽ وڃن،
سَچُ لڪائي رکان!

قوُلَ ڏيندا اچن-
پورو ڪَنِ سي، ڏِسان.

مِلي سقِلتا آ،
پاڻ کي خوش ڀَسان.

مادِري ٻولي آ،
تنهن کي ڪيئن مان ڀُلان.

مان ته رهان ٿو جِتي،
سنڌ اُنهيءَ کي چوان!

پَلُ، گهڙي پڻ صدي،
آشا تي بس جِئان!



پڇي خود کان ڪٿي آخر وڃي لڪندي؟
سدا سچيار کان ايڏو ڊڄين ڇوٿو؟

سياڻو حد کان شايد تون سچڻ آهين،
ڪري ڪجھ اُپٽو سُبتو پو سلين ڇوٿو؟

جُهڪائي لَڄ کان پنهنجو ڪنڌُ وينو آن،
ٻُرا ڪم دوست! اڪثر هئن ڪرين ڇوٿو؟

ڦِٽي نند آھ تنهنجي ڪئن، خبر ناهي،
اَکڻ ۾ ٿو سُمهين، تارا تڪين ڇوٿو؟

چون ٿا سپ هتي سَچ جو قدر ٿيندو،
سدا ياري تون ڪوڙن سان ڪرين ڇوٿو؟

لڳون ڪنپٽلي جڳ ۾ ٿا اسين ’نردوش!‘
گهٽي ايمانَ ۾ پرجي هئن رهين ڇوٿو؟



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وقت کي ڳولهيندي ڳولهيندي،
خود پَلَ ئي ويا گُذري شايد!

يادِ پريءَ جي جڏهن اَچي ٿي-
ننڊ ڦٽي ٿي مِنٽڙي شايد!

طوفان اَهڙو ڪو آيو، جو-
سپنا پَلَ ۾ ويا اُڏڙي شايد!

مضبوط ٻَڌي ٻَنڌَن ۾ جا-
ڌاڳي جي آ ٽڪڙي شايد!

ڦولن تي ڪِرَڻ ماڪ ڦُڙا ٿا-
روپ تنڏهن ويو نِکري شايد!

لُڏي لمي ٿي، ڪين ٻُڏي ٿي-
سَچ جي آ، هيءَ مَڪِڙي شايد!

وک وک تي نوان تجربا،
ترقي تنڏهن ٿِي تڪڙي شايد!

ڪينَ پڙهياسين روح جا سبق،
جڳ جا خدا ويا بگڙي شايد!

سَچُ سَچُ آ سَڀُ ”نردوش“ چيو-
ڪوُڙا ڪَکر ويا وِکڙي شايد !


books.sindhsalamat.com

گُلن جي ٿِي خوشبوُ لُٽائي هوا،
تنڏهن ٿي دلين کي لُڀائي هوا!

ٿي پيغام آڻي پريءَ پارَ جو،
هَٽِي ٿپڪِي مون کي سُٽائي هوا!

گُناهن جي بدبوُ ڏنگي ٿي وڃيس،
تنڏهن غم کي ڪيئن ٿي لڪائي هوا!

فسادن جي راهُنِ تان گذري جڏهن-
تنڏهن ڪنڌ پنهنجو جهڪائي هوا!

ڏِسي ماڻهپو جي، ٻَمَنِ وات ۾،
ٿِي، خاموش، اَفسوسُ ڪائي هوا!

ڪَڪَرَ کي ڇُهي ٿِي ٽڪاوت پڇي،
وَسي مينهن، نغمو ٿِي ڳائي هوا!

”چو خود غرضُ“ ”نردوش!“ ماڻهوُ ٿيو؟“
پڇڻ لاءِ هِمٿ، جُٽائي هوا!


www.sindhsalamat.com

ڏسجن ڪيڏا سهڻا ماڻهو،
ڪي ڪي سيرت وارا ماڻهو!

شوخ طبيعت، گهنجيل چهرا،
چڻ ٿانڊا ٿئي ٿانڊا ماڻهو!

سونهن پسڻ جو هرڪو ڪانڪي،
واسُ وٺڻ ڪي، پنئرا ماڻهو!

مُرڪ منيءَ سان غم جي لڪائين،
لڳن اُهي ٿا منڙا ماڻهو!

ٻهروپين جا ٻول به پڌرا،
پَلُ نه ڇُپائن چهرا ماڻهو!

قدر سونهن جو ڪري نه ڄاڻنِ،
سونهن تي ڏين پهرا ماڻهو!

لڳن پسوُن پڻ ڪڏهن ڪڏهن ٿا،
عين اصل ۾ جهڙا ماڻهو!

”نردوش!“ هُجن ڪي غدار به،
آسي پاسي لاءِ خطرا ماڻهو!



ماڻهو چوندا، پر چوندا ڇا؟
عيبَ ڪڍڻ بِنِ هوُ رهندا ڇا؟

اوجاڳي ۾ ڪي ڪي ماڻهو-
سپنا ڏسندا، پر ڏسندا ڇا؟

ڪيڏا نه ٺنگ ٿا، ڪپڙا پائِنِ!
ڇئون گهٽو ٿا، هوُ ٻڌندا ڇا؟

آهي اُگهاڙپَ فئشن مادرن-
توکي ٻڌڻ لاءِ هوُ مُڙندا ڇا؟

روز خيالن ۾ جي مرن ٿا،
پَلَ پير لئه پِيِ، سي جِئندا ڇا؟

ٿوڪ ٿوڪِ وچ ۾ ڪيڏي آ؟
ڏينهنُ سچو ٿئي اُپ گجندو ڇا؟

”نردوش“ سِڪي نيڻ نماڻا-
هڪ اَڌ پل لاءِ به نه ڪڇندا ڇا؟



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ٽُٽي شيشو، آواز هرڪو ٻڌي ٿو،
مگر دل ٽُٽڻ جو نہ کڙڪو ٿئي ٿو!

رهي دِل جي ويجهو، جي محبوب ڪنهنجو،
حياتي سفر سولو ڪٽجي وڃي ٿو!

بنا سوچ ڪيڏا گناهہ مون ڪيا پئي،
نٽي چاتو محبوب ليکو پُڇي ٿو!

چوڻ شعر هر ڪنهن لئہ سولو ڪٿي آ؟
تڏهن ٻرک شاعر ڪو ورلو ٻڻي ٿو!

ڏنو جنهن آ حاسد کي ڪو شعر چوندي،
سدا سوچ گهريءَ ۾ ٿي سو رهي ٿو!

ممڻ مچندو شايد، اچي زلزلو پڻ-
هٽڻ چُغلي ڪنهنجي، جي پهچي وڃي ٿو!

اسان سمجهيو پنهنجو تي جنهن کي سدائين،
سو 'نردوش' ڌاريو ٿي رشتو لڳي ٿو.


books.sindhsalamat.com

ڇيرِ پيرَ ۾ ڇَم ڇَم وڄندي،
وَڻ تي ڪوئل بہ پئِي لِوندِي!

اِئِنَ ٿي ڇِڙَندو سنگيتُ اگر،
دل پڪ گهايل ٿي تِي پوندي!

پيارَ ڏنو آ پيارُ گهٽو ٿي-
دِلِ تہ اُجايل تڏهن بہ رهندي!

ايڏو ٿِي لُڏي، ڇَڻ تہ ٻُڏي ٿي،
ٻيڙي ساحل تي پَرَ رَسندي!

ڪيرَ تَپيلِي جڏهن اُيامي،
''پوءِ جي ڍِايل'' حالت لڳندي!

''اج نہ سياڻي جيَت بہ ٿيندي-''
اِئِنَ هارايل بازِي چوندي!

'نردوش' ڏني جا توکي آ-
پوتِي پاتل سِرَ تي وڻندي!


www.sindhsalamat.com

ڪئن نہ ڪَڪَرَ جي ڇيري ڇاتي،
چنڊَ ڏِسو آ جهاتي پاتي!

ڦوُل ٽڙيو ۽ خوشبوُ ڦهلي،
لوڏي ڀَنوري ڦيري پاتي!

پيشاني تي بوندون پگهر جون،
ڳل تي سِرڪيون ماڪ ڦُڙا تِي.

شام اُفق وٽ لالائي اِڏِنَ،
شرم وچان نارِ آ ڊُڪ پاتي!

گول گول هي گورو چهرو-
گويا چنڊ آ پورڻ ماسي!

ڀَرَ ۾ هوندو آهہ حُسن جي-
پياري لڳندي آهہ حياتي!

’نردوش!‘ نظر هڪ پيار ڀري-
قتل ڪري ٿي ٻڌجي ڪاتِي!



ماڻهپي جو ڪو مرم سُڃاڻون،
پرڇاوادي روح ٻڌايون!

ڪترپٽي جي ڪاتِي ڦهري،
ساگر جي ڪُنَ ۾ اَڇ، اُڇلايون!

ماڪيءَ جان مُرڪ لڳي منڙي-
اَڇو تہ اُن کي چپن لڳايون!

ڪين وٽن ٿا جنگ جا ڪڪر-
ملڪ جي هوا کي ريجهايون!

نيٺ تہ ڏاڍا، رَبَ کان ڏڪندا،
دِل ۾ ٽِنِ جي پيار جڳايون!

ٻُڌ ڀڳوان تہ اڄ بہ چوي ٿو:
”پيار سان ڌرتي سرڳ بڻايون!“

رَتُ پيئَنِ جي، راڪاس اُهي،
اَڄ تن کي اِنسان بڻايون!

اَهڙي ڪا اڄ لڳي هوا آهي،
ڪُوڙ هرڪو چوڻ روا آهي!

گُل مثل مُرڪ ڪنهن کي ئي هوندي،
چڻ لُيائي جي، سا اَدا آهي!

جي وڏي واڪ سان چون ٿا سچ،
تِنُ جو راکو رڳو خدا آهي!

ڏاڍِ جو ناچُ آ اُگهاڙو ئي،
بي حيائي هيءَ، جابجا آهي!

مفت آڪڙ ۾ آدمي اُڏُڙَن، هِتِ جي،
هيءَ ڪا، نئين فضا آهي!

ڇو طبيعت رُکي رکين ٿو تون،
رت بسنتي ٿِي، دلرُبا آهي!

ميلُ ميلاپ اَڄ ڪٿي ’نردوش‘؟
ماڻهو، ماڻهوءَ کان ٿيو جدا آهي!


books.sindhsalamat.com

دنيا جا ماڻهو سچ ڪٿي ٿا ٻڌن؟
ڳالهہ ڪوڙي، وري وري ٿا چون!

ڦهلجي آ وئي هوا ۾ ڳالهہ،
ڳالهہ ڪائي ڳجهي ڪٿي ٿا رکن؟

زخم ناسور جان ٿا پاسَنِ،
روز وشواس کي ڇُرا ٿا لڳن!

دربدر ماڻهو پيا گُهمن، سچ آ-
پر ڇو پٿر خدا کي هوُ ٿا هڻن؟

موت جو لُطف ڪو ڏُکيو ماڻي-
موُت جي سَڏَ تي سڀ ڊڄي ٿا وڃن!

ترشنائن جو قد ننڍو نہ ٿيو-
تِنِ جا پاڇا ڊگها پيا ٿا لڳن!

آهہ ’نردوش‘ ڪيڏو صاف چٽو،
ڳالهہ سولي هوُ ڇو نہ ٿا سمجهن؟


www.sindhsalamat.com

ڪير ۾ گيهہ جئن سُتُل آهي،
يار تئن، من ۾ ٿئي لڪل آهي!

برف ڪيڏي ٿڌي، اَثر ڪوسو،
مُرِڪَ ۾ لُڙڪُ جڻ ڪو چَلُ آهي!

صحرا ۾ ٿا ڏسون ڪڏهن بادل،
ڪو تہ پڇندو اُتي بہ ڦل آهي!

سونو اُن تي، پلي تہ جل ڪيڏو،
نيٺ ٿيندو پتل پِتلُ آهي!

آ، ولوڙڻ اَجايو ٿئي پاڻي،
ڇا جو مانڌاڻ اُتِ متل آهي!

محل ۾ مارئي لڳي ماندي،
دور هن کان سندس مِنلُ آهي!



بڻجي ڪندو ڪي آدمي ٿا ڇُپِن،
ڪي تہ چهرا گُلن جيان بہ لڳن!

سونهن بيڪار آ بنا سيرتَ،
ٿوهہ سهڻا تہ گهٽا ٿئي ملن!

ڪنهن جا ڳوڙها پيئڻ سڪي پياسي،
اهڙا پَل پاڳ واري کي ٿا ملن!

ٿيندي چاهت بہ ڪا چري آهي،
سُرتِ کي جڻ پکيءَ جا پَرَ ٿا لڳن!

رات جو ڳِڻ ٿي چنڊ کي ڳولهي،
لڙڪ اَکڙين ۾ ماڪ جانءِ چمڪن!

غم خوشيءَ جو آ لازمي پاڱو،
ڇا لءِ ماڻهو، پيا غمن کان ڏڪن.

موت کان پو بہ زندگي آهي،
مفت، ’نردوش‘ آدمي ٿا ڊڄن!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هوُ، چوي جا بہ ڳالھہ ناھي چوي،
اک نہ اک سان ٿو ھوُ ملائي چوي!

هوُ اُصولن جو آ پڪو ڏاڍو،
ڳالھہ ڪوُڙي ٿو ٻوڪ ڦاڙي چوي!

سَچُ، جي ڳالھيون، لڳن ٿيون ڪوُڙيون،
سَچُ بہ همت کي هوُ، جُٽائي چوي!

ڪئن بہ ترقي ڪپي، اسان کي دوست!
هوُ تہ آتنڪ سان نِڀائي چوي!

روشني جا هوُ چَنڊَ کي ٿو ڏئي،
سِج، سو احسانُ ٿو جتائي چوي!

آھہ ’نردوش!‘ اِنڊلٺ جيون،
روشني رنگ ٿي پسائي چوي!



پري ڪان سڄاڻي وڃن ٿيون اَکيون،
ڏسي مُحِبُ، مُرڪي پون ٿيون اَکيون!

هنيلن جي آڏو چڙهن چوٽِ ٿيون،
نِماڻن جي آڏو جهڪن ٿيون اَکيون!

خوشيءَ مان ڪڏهن ڪيتَ، ڪل ڪل بہ ڪن،
ڪڏهن لُڙڪ لاڙي رُئن ٿيون اَکيون!

ڏسن سونهن گُل جان دِلڪش جتي،
نهاريندون يڪ ٽڪ رهن ٿيون اَکيون!

هجون ننڊ ۾ تا، اُڏامي تڏهن،
ڪٿي جو ڪٿي سَيرُ ڪن ٿيون اَکيون!

رکن پيد ڪنهن سان ڪڏهن ڪين سي،
سپن ۾ پرينءَ کي پسن ٿيون اَکيون!

پلي چو نہ آهن هوُ گوُنگيون تہ پي،
چئي صاف سڀ سڀ وڃن ٿيون اَکيون!

آ، ’نردوش!‘ اَهڙي تہ ڪا دِلڪش؟
گُلن جانءُ ٿي سهٽيون لڳن ٿيون اَکيون!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اَڪ هنئين تو لڪِي ستارن کي،
سا خبر پهتي آ نظارن کي!

گُل چني سونهن ماٽِي چوريءَ تو،
ڪيڏو شرمايو داغ دارن کي!

شاعريءَ ۾ بهار جانْ جوين،
آهه شاباس تو، مون پارن کي!

سچ ڪان تو روشني پني آ ڪيو،
چڙ لڳي، روشني منارن کي!

ڏس ٻُڌڻ کان بچي ويا تارُو،
دادُ ڏي ڪکُ جي سهارن کي!

پيار جي هڪ گهڙيءَ جياريو آ،
سانڍيو سيني، قرب وارن کي!

مهڪ ايندي جڏهن به متيءَ مان،
تون ڏسج پوءِ مينهن وسارن کي!



books.sindhsalamat.com

مُرڪ مِنيءَ سان ٺاري ڇَڏِ،
دِلِ جو غصو، ساڙي ڇَڏِ!

جيون دڪمئي ٻٽجي پيو،
ڪلندي ڪلندي گذاري ڇَڏِ!

گُلَ گُلَ تي شبنم موتي،
دِل ۾ سونهن اُتاري ڇَڏِ!

نخرو نِت شِت پيارُ نہ آ-
پاڻ نہ تِن تان واري ڇَڏِ!

ويلَ وِيَلَ واپس نہ وري،
تنهن کي هاڻ وساري ڇَڏِ!

شعر چوڻ جو شؤق چڱو،
ٻڪوُن ڪيڻ تي پاڙي ڇَڏِ!

غم جي واندهہ ’نردوش‘ آ،
ديپ آسَ جا ٻاري ڇَڏِ!



www.sindhsalamat.com

خارَ مان پڻ اچڻ لڳي خوشبوُ،
ڪيڏي مون کي وئي وڻي خوشبوُ!

گُل کي جوڙي ڏسو خيال سان جي،
پاڻ ايندي ملڻ کهي خوشبوُ!

پيار سان ناتو آهه جن جوڙيو،
گهر اُنهن جي وچي رهي خوشبوُ!

آهِه خوشبوُ وڻي گهڻو مون کي،
سوُنهن شايد بڻي پئي خوشبوُ!

پاڻ کي ٿي لڳان ٿو مان پاڳل،
مون هٿن ۾ ڪٽي جهلي خوشبوُ!

آهه ’نردوش‘ ڪنهن جهليو قابو،
آ، اُڏامي هوا بڻي خوشبوُ!


books.sindhsalamat.com

پردو اَڄ فاش ٿي ويو آهي،
حُسن شرمائجي ويو آهي!

جئن وڌي آهي عمر، سڀ ٿا چون،
هاڻ هٿ سڄ لهي ويو آهي!

جهيڙو ڇيڙيو اَگر مگر تان ڪنهن،
خوُن شايد ڪو ٿِي ويو آهي!

تو هنيو طعنو ڪو تکو اَهڙو،
ڪنڌي وانگر ڇُپي ويو آهي!

ياد مذهب نه آ رهيو مون کي،
ماڻهپو بس، وڻي ويو آهي!

گُل ته ”نردوش“! ڪيڏا دِلڪش ها،
باغ مان ڪو ڇِني ويو آهي!


www.sindhsalamat.com

آتنڪ ڪيڏي روز ٿو هولي،
هرهنڌ سينو چيري گولي!

وَڙَ ۽ وَڪڙَ کان بلڪل آجِي،
سِڌي سنواٽي سنڌي ٻولي!

ٻوهُه ڪري ويو ڪيڏو مون سان!
صورت ته هئَس ڀالي ڀولي.

ڦُوُل ملن يا خار اَسان کي،
جهلي رکي آ پنهنجي جهولي.

سَچَ جي زور سان چلڪندا رهو،
ائين چوي ٿي هرهڪ چولي!

’’نردوش‘‘ ته آ وهنوار ڪُشل،
روز ڦڪي ڇو ڪوڙَ جي گولي؟



مُهِرَ ماٺِ جي لڳي ويئي،
نيڻ تڏهن پڻ ويا ڇئي!

ڀاءِ نه پئي صاف نَيِتَ،
ميريءَ سان ته دل ٺهي ويئي.

صدق سچي سان ٺهيل ڪٿيا،
هڪ جهٽڪي ۾ ڊهي پئي!

مُرڪيم ليڪن مُرڪ ڇو ڦِڪي؟
عقل ڪٿي ڏاڍائي ڪئي!

سيرت پوڙهي، سونهن جوان،
چمڙيءَ تي، اَک اَٽڪي پئي.

’’نردوش‘‘ ويو سونهنَ تي سرچي،
سوُرَ سوڪڙي ويا ڏئي!

آرسيءَ کان پري ڀڄي ٿو وڃي،
پاڻ کان پاڻ ھوُ ڊڄي ٿو وڃي.

آزمودا ملن پيا جڳ جا،
وقت تي گار ھوُ سھي ٿو وڃي.

گُفتگوُ زندگيءَ ۾ ممت جي آ،
ڪو سياڻپ سان، سا ٻُڌي ٿو وڃي!

ڏينھن گُذري ويو مون ڪجھ نہ ڪيو،
سِڄ جَھِٽ پَٽ ھٽ لھي ٿو وڃي!

اَمن سان ڪين ھوءَ جيئڻ چاٽي،
ھُڙَ جي لُڙَ سان نھي جُڙِي ٿو وڃي!

ھو ھجي ڏُتِ شراب ۾ ٿو جڏھن،
پو تہ بڪ بڪ ۾ سچ چئي ٿو وڃي!

جنھن کي ايندو ھلڻ جو ڏانءُ آھي،
جڳ سان ’’نردوش‘‘ سو نھي ٿو وڃي!


books.sindhsalamat.com

مُرڪڻ جا واپارُ ڏسون،
ڀُڻ ڀُڻ ۾ اِظھار ڏسون!

ڏوھہ نئون ھڪ روز ٿئي،
قاتل ٿا زردارَ ڏسون!

ٻُري سنگت ۾ ٻُري نظر،
ڦِتندا ٿا گھر ٻارَ ڏسون!

وڏيون پڳون جيڪي، تن جا،
ٿيندا ٿا ستڪارَ ڏسون!

چيڻُ وڃن جي چورائي،
سپني ۾ سي، يارَ ڏسون!

ڏيئي ٺڪجن ڪينَ ڪڏھن،
اَھڙا پڻ داتارَ ڏسون!

’’نردوش‘‘! ڇڏي آڪڙ کي،
پائي جيڪر پيارَ ڏسون!


www.sindhsalamat.com

رُئٽي ڪيڏي آهہ زندگي!
ناخوش آ، ٿوڙي ڏيئي خوشي!

ڪوُڙ ڏني چوٽَ مٿان چوٽَ آ-
اڃا تہ سچ جي ٿي تري ٻيڙي.

لڳن ڏسڻ ۾ جي، سيتل چنڊ،
تن جي پرسڌ آ بي رُکي!

پنهنجي پنهنجي پوُر ۾ هرڪو-
ڪين پُڇي ڪنهن حالت منهنجي!

آهہ رات کي رات چيو مون،
مون ڪان ڪيڏي وڏي خطا ٿي!

ڪيڏو چاهيو مون جيون ۾،
ڪونہ سکيس مان ڪلا ڻڳڻ جي!

پڙهڻ ڪڙهڻ آ ڳالهہ اَجائي،
ڏن ئي آ قسمت ماڻهوءَ جي!

ناحق چو هوُ ڦاسيءَ چاڙهيان؟
ڪيئن لڄايان ٿڄُ جيجل جي!

اِنسان رکيا اَرمان وڏا،
دَنيا ڪيڏي آ هيءَ ننڍڙي!

’نردوش!‘ ڏنو هي جڳ سارو-
هر جاءِ لڪل آ ٻهروپي!



books.sindhsalamat.com

ڪل مستيءَ جي-
ماڻيون خوشبوُ!

گذريل يُگن جي-
ساريون خوشبوُ!

ڪڏهن گهٽين ۾-
آڻيون خوشبوُ!

گهر ۾ ڪونڌيون-
پاليون خوشبوُ!

دِل ۾ ٻين لئہ-
ڏاريون خوشبوُ!

برپٽ ۾ ڪئن-
ماڻيون خوشبوُ؟



www.sindhsalamat.com

ٻڌي ٿو، ٻڌي ٿو، زمانو ٻڌي ٿو،
سچائيءَ کان هر ڪُوڙو ڀَڄي ٿو!

اَٿس ڏُنَ ۾ ڪستوري، ڇاڻي ڪٿي ٿو؟
تلاشڻ اِها جهنگ ۾ پيو ٻڪي ٿو!

لنگهي ڪا نہ سهڻي هِتان آهہ شايد-
تڏهن سارو ماحول سرهو لڳي ٿو!

اَسان ۾ نہ مستي آ طوُفان واري-
تڏهن اَهڙو تهڙو اَسان کان ٿهي ٿو!

ٿيو چنڊ ڪيڏو نہ بي شرم آهي،
ڪٽي لالچي نيڻ ساگر تڪي ٿو!

هوُ ”نردوش“! عادت کان مجبور آهي،
ڏسي سونهن، مکڙيءَ کي اَک هوُ ڀڃي ٿو!





دِل وارن جو جي، پيارُ ملي،
وري جئڻ جو آڌارُ ملي!

پلُ پَرَ جي بہ ملاقات ٿئي،
رات سڄي دِل کي قرار ملي!

نيڻن مان جي، ڇُڪي پياري،
سالن تائين ٿو خُمار ملي!

باغ سونهن جو، لڳي سڄڻ ٿو،
ماڻڻ لئہ اُت ئي بهارُ ملي!

ڀوڳڻ بدران ماڻيون جيون،
جيون کي ڪوئي سارُ ملي!

”نردوش“! هلون اَڳتي شايد،
يار سڀاجهو دلدارُ ملي!

حُبَ پکين ۾،
قُربَ اکين ۾!

سُهڻيءَ ٽي ڏِٺي،
سِڪ سکين ۾!

ويا پچي گهڙا،
سپ بَڻِين ۾!

ڪانيون ٻَڌِجي-
ويون پرين ۾!

ڏوهي ڏسجن،
هٿ ڪڙين ۾!

ڏنو مَنوٻَلُ،
مون نہ سَٽِين ۾!

دَرَ اُڏامندي-
ڏِسون گلين ۾!

غريب ڏسجي-
سدا ڇَٽِين ۾!

ميلُ ڏُئڻ جي،
ڪلا کَٽِيُن ۾!

سونهن انوکي-
آهہ سَڱيُنِ ۾!



پيون ياد جي، رات پر جون رهاڻيون،
لڳن تازيون سپ، ٿيون ڪٿ پراڻيون؟

اَچي خوشبوُ پياري پريان کان کهي هت،
ڪليون ڪي بغيچن ۾ شايد سماڻيون.

ويون سپ تمنائون لُٽجي هنن جون،
دلالن جي معرفت ڪماريون وڪاميون!

جدا آهہ پنهنجي غريبن کي دنيا،
منيون ڳالهيون تن جون لڳن ٿيون اَباڻيون!

وڻي خوُب مون کي پکين جو ٿو ڇهڪڻ،
اُڏن اُپ ۾ ڪونجون سدا گڏ سياڻيون!

وڏي ناز سان جن کي پالن ٿا مائٽ،
ڪڏهن ڪين ڪنهن جون دُکي ٿين نياڻيون!

ويو وقت گُذري جو، موٽي نہ ايندو،
ٽڙن ذهن ۾ ٿيون، ڪجهہ ڳالهيون سُهانيون!

پلي شوخ ڪيڏيون طبيعت ۾ ناريون،
سي نوُريءَ مثل نياز واريون نماڻيون!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قوڪ سان وهم سڀ اُڏائي ڇڏ،
ڀُڳ نئين ۾ قدم وڌائي ڇڏ.

دشمني ايڏي ڪا سُني ناهي!
دوستيءَ سان نظر ملائي ڇڏ.

ڇَندِ پنهنجو غصو سمُورو ئي،
لَتِ ڪٽي پاڇي ڪي وهائي ڇڏ.

سينو دشمن جو آهہ ميڻ جو جي،
تيِرَ زهريلا پل هلائي ڇڏ.

روح رهندوِن تہ پڪ ئي پائيندو،
ڪَمَرَ ڪسا پنهنجا سڀ لڪائي ڇڏ.

تو غلط پڙهيا سبق جيڪي،
سي، سيئي ڪٽي ورائي ڇڏ.

ڪيڏي اوندهہ جمع ڪئي آ مَنَ!
جوت اَندر بہ ڪا جڳائي ڇڏ.



گهنگهروءَ جان وڄي پيو ماڻهو،
ديپ وانگر جلي پيو ماڻهو!

ڏَنَ جي ڏُن ۾ مَگَنِ رهي ايڏو،
ڏُتِ نَشي ۾ لڳي پيو ماڻهو!

ڪير ڀڳوان ڪي پياري ٿو،
اَنڌ وشواس ۾ جيئي پيو ماڻهو!

باهہ سيني اَندر لڪائي پو-
بمَ ڌماڪا ڪري پيو ماڻهو!

پوشُ پائي سدا گُناهن تي،
جاپُ سچ جو جپي پيو ماڻهو!

شرم جنهن ۾ آ اَڄ رهيو باقي-
سو، لِڪي هِتي رهي پيو ماڻهو!

ڏانءُ چمڙي ٿلهي ڪرڻ جو هجي-
هر گهڙيءَ اِئن ڇٽي پيو ماڻهو!

ڪاٿُ پنهنجي وطن ۾ ٿو جو هٽي،
سو بہ رهبر بڻي پيو ماڻهو!

”پاڻ وَر سان سدا وطن ۾ مان“،
نيم اَهڙا گهڙي پيو ماڻهو!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دنيا جو هيءُ لقاءُ ڏسو،
ڪنهن کي ڪهڙو آ، ڳهاءُ ڏسو!

سوچڻ جون تڪليفون نہ ڪريو-
هاڻ هلي ٿو، سو داءُ ڏسو!

پانڌوَ، ڪوروَ روز وڙهن ٿا،
وينئي ٿي تن جو تاءُ ڏسو!

قدرت پنهنجي فطرت واري-
وڄ جو رنگين شعاءُ ڏسو!

اُڀ ۾ بادل، چمڪي بجلي-
اِنڌلني هيءُ نِماءُ ڏسو!

چهرو نقلي، ويسُ بہ نقلي-
’نردوش!‘ تڏهن بہ اُٺاءُ ڏسو!


books.sindhsalamat.com

دِل ۾ صادق جذبا آهن،
آزاديءَ جا رتبا آهن،

باروتِ بَمن جا رنگ سوين،
زخمي وطن جا اُڏما آهن.

مُرڪ منئي آ چڻ آزادي،
اُن لءِ سهبا صدما آهن.

ڌرم بناوت، مذهب دوکو-
تڏهن بہ تہ تِن سان ناتا آهن.

پيار اَمن کي ڪير نہ سمجهي،
ڇؤڏر رودنَ پِٽڪا آهن.

اَڳوانَ ڪتي ايندا رهن ٿا،
ڪوهيل پاڻ ۾ ڏسبا آهن.

آهہ غدارن جي چال هلي،
ماڻهو هرجا ڪُسباَ آهن.

ڀَلُ نہ ٿين ساڪار ڪڏهن، جي-
خواب تڏهن پڻ پسبا آهن.

’نردوش‘، لڳو واءُ ڪو اَهڙو-
ارها پڻ هت سرها آهن.


www.sindhsalamat.com

ڪڪر اُپ ۾ ڪارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا،
۽ مينهن جا ڦوهارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا.

هجي چنڊ ڪيڏو بہ سهڻو سَهائو،
هڻن اَک ستارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا.

ٿي وِچ چمڪي، بادل بہ اُپ ۾ گجن ٿا،
سي رنگين نظارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا.

بدن کي مکي چَنڊَ جي روشني جِن،
اُهي اَنگ سارا نہ ڏاڍا وڻن ٿَا.

جهانْ ۾ آ نفرت جي ڪوڙاڻ ڏاڍي،
هجن پيار وارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا.

ڏين درد سهڻا منو ايترو جو،
هجن سُک ڪسارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا.

رُسڻ جون اَدائون سوادي لڳن ٿيون،
هيِ آلوبخارا نہ ڏاڍا وڻن ٿا.



خوشبوُ ناهي وچي اُڏامي،
بنا پَرن جي آهہ غريبي.

اوچو اوچو مٿي اُڏامي،
چڻ نہ پري آهہ اَميري.

جوڀن آهي جوش جو چشمو،
وهندڙ پاڻي آهي پيڙهِي.

ٻارَ جون وڻن سپ ڏنگايون،
پنهنجي گهر ۾ داداگيري.

گهر ۾ بي آرام رهي ٿو،
ڏينهن سڄو بس نيتاگيري.

چڱي مني آ، سوُنهن، چکي ڏِس،
چاشني ٻُڏل آهہ جليبي.

آهہ زمانو تِڪڙَمَ بازي،
ڇا دور کو، ڇا کو قريبي.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

گوري تن تي اَيمانُ ڪري-
سُونهن جو صابڻ ٻري وڃي ٿو.

حُسن تہ آهي مغرور سدا،
چِتُ تہ بہ اُن ڏي لڙي وڃي ٿو.

ڪيڏو ناءُ آ سڄ ڏيکاريندو!
شامر ٿئي هوُ لهي وڃي ٿو.

هوندو من آ گردش ۾ تتل،
مُرڪ منيءَ سان ٺري وڃي ٿو.

جنهن کي نراشا، بيماري آ،
بي موُت اُهو مري وڃي ٿو.

دِل ۾ هجي جي صادق جذبو،
''نردوش'' ماڳُ ملي وڃي ٿو.


books.sindhsalamat.com

موُرَ ڪان وياج مِنو لڳي ٿو،
ڏوهتا، پوٿيون سنو لڳي ٿو.

سَچُ، جي، سامهون چٽئي وڃي ٿو،
من کي ڏاڍو ٻُرو لڳي ٿو.

ڪوئل پياري ياد اَچي ٿي،
ڪانءُ، بي سُرو پُٺو لڳي ٿو!

آهن ماڻهو ڪيئي جن ڪان،
دؤر اَٿو ۽ لٽو لڳي ٿو.

جيون آهي هڪ ڪتمنڙو،
سواد ۾ ڪتو منو لڳي ٿو.

'نردوش' سونهن هتان لنگهي آ،
واءُ بہ خوشبوُ رَتو لڳي ٿو.


www.sindhsalamat.com

سڀ کي پنهنجو ٿو اُٺاءُ کپي،
سيني کي ڪو ڏيکاءُ کپي.

باهہ چاهہ جي، جيءَ کي لڳل آ،
عادت وَسِ آ، بَسِ ٿاءُ کپي.

ماڻهو هوُ ٿو گُلشن ڀاسي،
اَهڙو ئي سڀ ۾ هڳاءُ کپي.

ڀرمن ۾ ٿو ڀرمائي جو-
اَهڙو نہ ڪڏهن اولياءُ کپي.

اَٽڪل شٽڪل ۽ رمز هجي،
دماغ ۾ ڪو سوداءُ کپي.

منچ تي وهڻ، شوّق نرالو،
عين اَهڙو آدر ڀاءُ کپي.

ويڙهہ جهيڙہ هيءَ، ڪيسين آخر؟
هاڻ تہ پاڻ ۾ پرچاءُ کپي.

ياد سڄڻ جي درد ڏئي ٿي،
’’نردوش‘‘ منو ايذاءُ کپي.


books.sindhsalamat.com

نفرت جا طوفانَ هزارين،
يارن جا اَحسانَ هزارين.

چالاڪ بڻي ٺڳي ويو آ-
وٽن ائين نادانَ هزارين.

سيرت، صورت ڪِنِ جي پياري،
هونئن آهن اِنسانَ هزارين.

ميزبان ٿي گهر ۾ رهي ٿو-
ڀل تہ هجن مهمان هزارين.

ڀَڄُ، جيڏو ڀي ڀڄي سگهين ٿون،
موّت جا هِنِ ارڪانَ هزارين.

’’نردوش‘‘ هتان ويندو خالي،
ڇو ڀيو ٺاهي مڪانَ هزارين.


www.sindhsalamat.com

سِکيو جڳڻ جو فَنَ جو ناهي،
پَل پَل پيو سو، مرندو آهي.

اُپ ۾ اُڏڻ جي ڇِڏِ ٻيي عادت،
متا وجهين تون جهوپو ڏاهي.

جيون آ سنگرامُ اَنوکو-
جنگ سا، جوتڻ هَلُ تون ڪاهي.

سَوَرِ ڏسي ٿو پيرَ ڏگهيڙي،
مقصد-منزل سگهندو پائي.

سونا سپنا هوُ ڏسندو آ،
محل اِئين ئي اَڏڻ چاهي.

”نردوش“! اولرا پکڙڻ لئہ،
ٻارُ ڏسو، پيو هٿڙا هلائي.



مؤر ڪان وياڄُ منو لڳي ٿو،
ڏهتا، پوتيون سُنو لڳي ٿو !

سچُ جي سامهون ڇٽي وڃي ٿو،
مَنَ کي ڏاڍو بُرو لڳي ٿو!

ڪوئل پياري ياد اَچي ٿي،
ڪانءُ ٻي سُرو ٻُتو لڳي ٿو!

آهن ماڻهو ڪيئي جِن ڪان،
دؤر اَٿو ۽ لَتو لڳي ٿو!

جيون آهي هڪ ڪتمنڙو،
سواد ۾ ڪتو منو لڳي ٿو!

”نردوش“ سونهن هتان لنگهي آهي،
واءُ بہ خوشبوءِ رَتو لڳي ٿو!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رانوڻ جان وناش آندو آ،
گهمنڊ گهٽن کي ڪيرايو آ!

آهِہ ڪامنا حسين ڏاڍي-
دربدر اُنهيءَ بڻايو آ!

جدا پرينءَ کان ورهَن کان ٿي-
هاڻي، يادِ ٿي، سرمايو آ!

پَرکَڻ بِن ٿي ڪيم وشواسُ-
ڪيڏو تڏهن پڇتايو آ!

جڏهن نِراشا جيون ۾ اَچي،
آشا جو در، کڙڪايو آ!

دَردُ اَچي رب يادِ ڪرايو-
دوست درد کي مون بڻايو آ!



books.sindhsalamat.com

پوک لُڙڪن جي تي سُني آهي،
تي ڪَڪرُ اِ ڪ، تڏهن وسي آهي!

هر قدم تي سدا ڏئي ٿي ساٿُ-
ها، سَکِي هر ميارَ ٿي آهي!

آهي اَندر جو شيشو صاف ڪٿي؟
دوُري رب جي وئي وڌي آهي!

منهنجي هُن سان دوستي آ، پڪي-
ڪوتا تڏهن تنهنجي ڇپي آهي!

جيري خاطر کُهي ڇڏن ٻَڪرُ،
ٻُڪَ جي صورت بہ آنتڪي آهي!

جو، ونون تا، ڏِيون ڪٿي تا؟
آ تو، ”نردوش“ بَس پري آهي!



www.sindhsalamat.com

ساهُه سچو ئي آهِه سچڻ ۾،
شڪر ڪريان جو، آيو اڱڻ ۾!

سونهن نهاري ڇُهي بدن تي،
لطف عجب آ، سنڱُ ڪرڻ ۾!

قرب اسان جو صاف ۽ سٿرو،
آهِه مزو پر، پاڻ پَهَڻ ۾!

مون ۾ قدرت آهِه سمائي،
موج تڏهن ٿي اچي جيئڻ ۾!

ڇڏ سياءُ هي نانگن وارو،
ناهِه مزو ڪو، زهر رکڻ ۾!



پيڙا مَنَ جي گُلابي مکڙي آ،
باغ دل ۾ سين ڪان سهڻي آ!

ڪوئي پنهنجي خوشين ۾ خوش ناهي-
ڪوئي پنهنجي غمن ۾ راضي آ!

خوُب اوتيم منجهس خوشين جو شراب-
خالي تہ بہ دل جي پيالي آ!

ڪنهن جي خوشحالي وڻندي ڪينَ-
ريتِ تہ جڳ جي نرالي آ!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com